روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) خميس 29 ڊسمبر 2022ع بمطابق 05 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 216

باجوا سياسي انجنيئرنگ ڪري چورن جي حڪومت آندي: عمران خان

ملڪ تي قبضہ گروپ مڙهيا ويا آهن، هن وقت جهنگ جو قانون لاڳو ٿيل آهي، منهنجو هن وقت اسٽيبلشمينٽ سان ڪو بہ رابطو نہ آهي

ملڪ مٿان قبضہ گروپ جو راڄ آهي قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ کان سواءِ پاڪستان جا مسئلا حل نٿا ٿي سگهن: پي ٽي آءِ چيئرمين

نيب قانون ۾ ترميم ڪري 1100 ارب روپين جي ڪرپشن جا ڪيس ختم ڪيا ويا، جنرل(ر) قمرجاويد باجوه جا اسان جي حڪومت سان سٺا ريليشن رهيا

آمريڪا ۾ منهنجي خلاف لابنگ جي لاءِ حسين حقاني جون خدمتون حاصل ڪيون ويون، آمريڪا کي اهو تاثر ڏنو ويو تہ جنرل باجوه آمريڪا جو حامي آهي

اينڊڙ عام چونڊن ۾ جيڪڏهن ڪا پوليٽيڪل انجنيئرنگ ڪئي وئي تہ نتيجا بهتر نہ هوندا، پاڪستان جي سيني کان وڏي پارٽي جو مينڊيٽ نہ مڃيو ويو

اسان جي حڪومت ۾ 5 سيڪڙو ڊيفالٽ جو خطرو هو جيڪو هاڻ 90 سيڪڙو تي چڪو آهي، مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلزپارٽي جا مفاد پرڏيهي ملڪن ۾ آهن

لاهور (م ډ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو آهي تہ منهنجا اسٽيبلشمينٽ سان ڪي بہ رابطا ناهن، ملڪ تي قبضہ گروپ مڙهيا ويا آهن، هن وقت جهنگ جو قانون لاڳو ٿيل آهي. زمان پارڪ لاهور ۾ صحافين سان ڳالهين دوران عمران خان چيو تہ منهنجو هن وقت اسٽيبلشمينٽ سان ڪو بہ رابطو نہ آهي، اڳوڻي وزيراعظم چيو تہ ملڪ مٿان قبضہ گروپ جو راڄ آهي قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ کان سواءِ پاڪستان جا مسئلا حل نٿا ٿي سگهن نيب قانون ۾ ترميم ڪري 1100 ارب روپين جي ڪرپشن جا ڪيس ختم ڪيا ويا. اڳوڻي آرمي چيف جنرل(ر) قمر جاويد باجوه تي هڪ دفعو ٻيهر تنقيد ڪندي عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: اڳوڻي وزيراعظم عمران خان پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪسپورٽ زون ۾ فراڊ واري ڪيس ۾ جوابدار مجاهد جي درخواست ضمانت تي فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايڪسپورٽ زون ۾ ڪروڙن رپين جي فراڊ واري ڪيس ۾ جوابدار مجاهد جي درخواست ضمانت تي فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي .وڪيل مولوي اقبال حيدر چيو تہ جوابدار جي خلاف براهہ راست کهڙو الزام نہ آهي .جڏهن وڪيل حسان صابر چيو تہ جوابدار مجاهد سميت جوابدارن ملي ڪري نشميہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو: شهباز شريف

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينہ اجلاس جو پڌرنامو جاري ڪيو ويو آهي: ن ليگ جو صدر محمد شهباز شريف

وفاقي ڪابينہ ملڪ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي، دهشتگردي خلاف جدوجهد تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڪابينہ ان عزم جو ارادو ظاهر ڪيو تہ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو، دهشتگردي کي جڙ کان ختم ڪيو ويندو

ملڪ ۾ پيٽرول سان هلندڙ موٽرسائيڪلن کي مرحليوار اليڪٽرڪ بائيڪس ۾ تبديل ڪيو ويندو، 22 ڪمپنين کي اليڪٽرڪ بائيڪس تيار ڪرڻ جا لائسنس جاري ڪيا ويا آهن

بجلي جي بچت لاءِ صوبن سميت سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان بہ صلاح مشوري جي عمل کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

اسان کي بجلي جي استعمال بابت پنهنجي عادتن ۽ روين کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، سرڪاري آفيسن ۾ بہ گهٽ کان گهٽ بجلي استعمال ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ډ) وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينہ جي اجلاس ۾ چيو آهي تہ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو. رپورٽ موجب وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينہ اجلاس جو پڌرنامو جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل پڌرنامي موجب وفاقي ڪابينہ ملڪ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي، دهشتگردي خلاف جدوجهد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

لاهور: شادي جي پهرين صبح گهوٽ ڪنوار جا واش روم مان لاش هٿ

جڏهن اهي گهڻي دير تائين ڪمري کان ٻاهر نہ آيا تہ گهر ڀاتين دَر کڙڪايو، جيڪو نہ کوليو ويو

دَر ٽوڙي ۽ اهلڪار اندر داخل ٿيا تہ ڏٺو گهوٽ ۽ ڪنوار واش روم ۾ مئل حالت ۾ پيا آهن

لاهور (م ډ) لاهور جي علائقي مصطفيٰ ٽائون ۾ تازو شادي ڪرڻ گهوٽ ۽ ڪنوار جا لاش هٿ آيا. مصطفيٰ ٽائون ۾ شارق ۽ حسنہ جي گڏيل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ٽريفڪ جي رواني کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهم فيصلو ڪيو

شهر ۾ وڏين گاڏين جي داخلا بابت عدالتي فيصلي تي سختي سان عمل ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي

سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ ٿيل هڪ اهم اجلاس ۾ ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ٽريفڪ جي رواني کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهم فيصلو ڪيو آهي ۽ شهر ۾ وڏين گاڏين جي داخلا بابت عدالتي فيصلي تي سختي سان عمل ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهڙو فيصلو سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

جيستائين ملڪي سياست ۾ عمران خان جو وجود آهي ويڙهہ ختم نہ ٿيندي: راڻا ثناءُ الله

عمران خان جو بيانيو فتنو ۽ ڏقيڙ تي قائم آهي، جيڪو مخالفن سان گڏ ويهي ڳالهيون نٿو ڪري سگهي ۽ چوي ٿو تہ مخالفن سان ڳالهيون ڪرڻ کان بهتر آهي تہ مري وڃان

اهڙي صورتحال ۾ معاملا ڪيئن اڳتي وڌي سگهندا، جيستائين ملڪي سياست ۾ عمران خان جو وجود آهي ويڙهہ ختم نٿي ٿي سگهي: وفاقي گهرو وزير

ملڪ جي هن صورتحال جو حل چونڊون نہ پر چارٽر آف ڊيموڪريسي آهي، هڪ اهڙو سياستدان پيدا ڪيو ويو جيڪو هاڻي ملڪ جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو

اسلام آباد (م ډ) وفاقي گهرو راڻا ثناءُ الله چيو آهي تہ جيستائين ملڪي سياست ۾ عمران خان جو وجود آهي ويڙهہ ختم نٿي ٿي سگهي. نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي راڻا ثناءُ الله چيو تہ عمران خان جو بيانيو فتنو ۽ ڏقيڙ تي قائم آهي، جيڪو مخالفن سان گڏ ويهي ڳالهيون نٿو ڪري سگهي ۽ چوي ٿو تہ مخالفن سان ڳالهيون ڪرڻ کان بهتر آهي تہ مري وڃان، اهڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

مڪاني چونڊن ۾ دير لاءِ حڪومت کان قانونسازي جي سفارش

اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (اي سي پي) حڪومت کان مڪاني چونڊن ۾ دير لاءِ باضابطا قانونسازي جي سفارش ڪري ڇڏي

اليڪشن ڪميشن پنهنجي خط ۾ حڪومت کان اليڪشن ايڪٽ 2019ع جي شق 219 ۽ آرٽيڪل 140 اي ۾ ترميم جي سفارش ڪئي

قانون ۾ ترميم اهڙي وقت ڪئي وڃي تہ جيئن مدو پورو ٿيڻ تي ڇهن مهينن اندر مڪاني چونڊون ٿي سگهن

اسلام آباد (م ډ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (اي سي پي) حڪومت کان مڪاني چونڊن ۾ دير لاءِ باضابطا قانونسازي جي سفارش ڪري ڇڏي. اليڪشن ڪميشن پنهنجي خط ۾ حڪومت کان اليڪشن ايڪٽ 2019ع جي شق 219 ۽ آرٽيڪل 140 اي ۾ ترميم جي سفارش ڪندي چيو تہ قانون ۾ ترميم ضروري هجي تہ مقامي حڪومتن جو مدو پورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ عوام جي خواهشن موجب دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪرڻ جو عزم

254هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس 27 ۽ 28 ڊسمبر تي جي ايچ ڪيو ۾ ٿي: آءِ ايس پي آر

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ فوج جي پيشيوراڻي ۽ تنظيمي معاملن جو گڏيل جائزو ورتو ويو

دهشتگردن خلاف بنا فرق جي وڙهڻ ۽ دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪرڻ جو عزم ڪيو ويو

راولپنڊي (م ډ) ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس عوام جي خواهشن موجب دهشتگردن خلاف بنا فرق وڙهڻ جو عزم ڪيو آهي. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري اداري آءِ ايس پي آر موجب 254هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس 27 ۽ 28 ڊسمبر تي جي ايچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بلاول اسان کي پارليامينٽ ۾ اچڻ جي دعوت نٿو ڏئي سگهي: شاهہ محمود قريشي

اسان پارليامينٽ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون پر حڪومت سنجيده نہ آهي ۽ چونڊن جي تاريخ نہ پئي ڏئي

بلاول اسان کي پارليامينٽ ۾ اچڻ جي دعوت نٿو ڏئي سگهي اهو وزيراعظم کي استحقاق حاصل آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ملتان (م ډ) پاڪستان تحريڪ انصاف اڳواڻ شاهہ محمود قريشي چيو آهي تہ اسان پارليامينٽ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون پر حڪومت سنجيده نہ آهي ۽ چونڊن جي تاريخ نہ پئي ڏئي. پنهنجي هڪ بيان ۾ شاهہ محمود قريشيچيو تہ اسٽيبلشمينٽ غير سياسي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ جسٽس جمال الدين مندوخيل ۽ جسٽس حسن اظهر رضوي تي ٻڌل ٻہ رڪني بينچ ٺي گڏري

ڪراچي (رپورٽر) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ جسٽس جمال الدين مندوخيل ۽ جسٽس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ هاءِ ڪورٽ مبينا جعلي مقابلي ۾ نوجوان نادر مگسي جي قتل ڪيس ۾ هڪ واقعي جي خلاف ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ مبينا جعلي مقابلي ۾ نوجوان نادر مگسي جي قتل ڪيس ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مڪاني چونڊون نہ ڪرائڻ توهين عدالت جي زمري ۾ اچي ٿو: هاءِ ڪورٽ

جسٽس محسن اختر ڪياني جي سربراهي ۾ هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون 31 ڊسمبر تي ڪرائڻ جي پي ٽي آءِ جي اپيل تي ٻڌڻي ڪئي

مڪاني چونڊون ملتوي ڪري ڇڏيون آهن يونين ڪائونسل جو انگ وڌائڻ سان چونڊون ملتوي ڪيون ويون، اليڪشن ڪميشن چونڊون ڪرائڻ ۾ دلچسپي نٿي رکي

جا وفاقي حڪومت پهريان سٽل هئي، اسان چون نہ ايڊمنسٽريٽر جي پاور کي ئي معطل ڪري ڇڏيون، ايڊمنسٽريٽر صرف مڪاني ڪاتن جا فنڊ استعمال ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (م ډ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج ريمارڪس ڏنا آهن تہ اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون نہ ڪرائڻ توهين عدالت جي زمري ۾ اچي ٿو جسٽس محسن اختر ڪياني جي سربراهي ۾ هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ اسلام آباد ۾ مڪاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

راولپنڊي: عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ ۽ اڳوڻو وزير شيخ رشيد احمد پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ڊي ايم عمران خان کي اسيمبلي ڳهرائي معاشي تباهي ۾ پائيوار ڪرڻ چاهي ٿي: شيخ رشيد

13 پارٽيون عمران خان کي زبردستي ڌمڪيون ڏئي اسيمبلي ڳهرائي معاشي تباهي ۾ پائيوار ڪرڻ چاهين ٿيون

اوير ۽ اولهہ وارين سرحدن تي حالتون خراب ٿي رهيون آهن، ٻيڙي ٻڏي رهي هجي تہ اسٽيبلشمينٽ خاموش نٿي رهي سگهي

هي هاڻ پرڏيهي سازش ذريعي اسان مٿان فيصلا مڙهڻ چاهين ٿا، ڪيئر ٽيڪر جي سوچ شروع ٿي وئي آهي: عوامي مسلم ليگ جو سربراهہ

راولپنڊي (م ډ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ ۽ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي تہ پي ڊي ايم پارٽيون عمران خان کي اسيمبلي ڳهرائي معاشي تباهي ۾ پائيوار ڪرڻ چاهين ٿيون، ڪيئر ٽيڪر تي سوچ ويچار شروع ٿي ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ سياسي جماعت جو ڪارڪن قتل

واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي رهيو آهي، واقعو فيڊرل بي ايريا جي علائقي حسين آباد بلاڪ 3 ۾ پيش آيو

فائرنگ جي ان واقعي ۾ فهيم عرف باجرا نالي شخص زخمي بہ ٿيو جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو: ايس ايس پي سينٽرل

مقتول حسين آباد ۾ پنهنجي دوست جي دڪان تي ايندو هو، اربع جي شام دڪان تي ويٺو هو تہ پنڌ آيل ٻن جوابدارن کيس نشانو بڻايو

ڪراچي (م ډ) ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو. پوليس جي شروعاتي جاچ موجب واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي رهيو آهي، واقعو فيڊرل بي ايريا جي علائقي حسين آباد بلاڪ 3 ۾ پيش آيو. مارجي ويل شخص جي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ اربين رپين جا گهپلا: جاچ شروع

نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ رپين جي ٻي گهوٻين جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

نيب ڪراچي جي اختيارين آبپاشي کاتي جي سيڪريٽري کان خط لکي رڪارڊ گهري ورتو آهي

نيب جي خط باوجود آبپاشي کاتي طرفان نيب کي اڃا تائين ڪو بہ رڪارڊ نہ ڏنو ويو آهي: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ رپين جي ٻي گهوٻين جي جاچ شروع ڪري ڇڏي، نيب ڪراچي جي اختيارين آبپاشي کاتي جي سيڪريٽري کان خط لکي رڪارڊ گهري ورتو آهي. نيب پنهنجي خط /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان سان آئي جي پنجاب عامر ذوالفقار ملاقات ڪندي

آمريڪا ۾ تاريخ جو بدترين برفاني طوفان، فوتين جو انگ 70 ٿي ويو

ڪراچي (م ډ) آمريڪا ۾ تڏين هوائن ۽ سخت برف باري سبب زندگي مفلوج ٿي وئي آهي جڏهن تہ مختلف حادثن دوران فوتين جو انگ 70 تي ويو آهي. پرڏيهي خابرو اداري موجب آمريڪا ۾ تاريخ جي بدترين طوفان سبب فوتين جو انگ 70 تي ويو آهي. نيويارڪ رياست جي اري ۽ نياگرا ڪائونٽيز ۾ 34 فوتگيون رپورٽ ٿيون آهن. آمريڪي اختيارين طرفان بفلو واسين کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ اربين روپين جي ڪرپشن: نيب جاچ شروع ڪري ڇڏي

آبپاشي جي سيڪريٽري کان رڪارڊ ۾ طلب ڪري ورتو آهي، ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ ڪيتري رقم خرچ ٿي

هن ڪر جا بل ڪنهن پاس ڪيا، رقم ڪڏهن ۽ ڪيتري جاري ٿي، ٽينڊر جا سمورا تفصيل ڏنا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ روپين جي ڪرپشن جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. نيب اختيارين ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: پوليس جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل

هڪ پوليس اهلڪار زخمي عامر جي ڪيسن جي تلاشي وٺي رهيو آهي

جڏهن پنهنجي بيٺل اهلڪار زخمي عامر مٿان پستول سڌو ڪيون بيٺو آهي

ڪراچي (م ډ) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ اشاري تي نہ بيهندڙ موٽر سائيڪل سوار نوجوان کي پوليس اهلڪارن پاران پيڇو ڪرڻ ڪانپو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

2022ع ۾ 10 ڪروڙ ماڻهو گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿيا: گڏيل قومن جو ادارو

نيويارڪ (م ډ) گڏيل قومن جو اداري موجب 2022 ۾ 10 ڪروڙ ماڻهو گهر ڇڏي ملڪ مان پڃڻ تي مجبور ٿي ويا، رپوٽ موجب گهرڇڏي دربدر ٿيندڙ ماڻهن جو انگ 2021 ۾ 9 ڪروڙ هو، هلندڙ سال انگن اکرن جو رڪارڊ ٽٽڻ پهريون ڪڏهن بہ نہ ٿيو يوڪرين، افغانستان، ايٿوپيا، برڪينا فاسو شام ۽ ميانمار سميت دنيا جي گهڻن خطن ۾ تشدد ۽ جنگون ماڻهن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ناٿي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار پريس ڪانفرنس ڪندي

عمران خان بلاول زرداري جي اعصاب تي سوار آهي: محمد علي سيف

بينظير ڀٽو خلاف سياست ڪئي، اڄ زرداري جو پٽ سائس گڏ ويٺو آهي: ترجمان ڪي پي ڪي

عمران خان تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ بلاول کي سنڌ جي حالت تي بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي

پشاور (م ډ) خيبرپختونخواهہ حڪومت جي ترجمان بئريسٽر محمد علي سيف جو چوڻ آهي تہ عمران خان بلاول زرداري جي اعصاب تي سوار آهي. پشاور مان جاري ڪيل بيان ذريعي خيبرپختونخواهہ حڪومت جي ترجمان محمد علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ملڪ جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ سمورين پارٽيون پارليامنٽ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن: راجا پرويز اشرف

سياست سيني جي حق آهي پر عوامي مفاد سڀ کان اهم آهي تنهنڪري عوامي مفاد تي ڪو بہ ناهہ نٿو ٿي سگهي

پي ٽي آءِ جي چيف وهپ گڏريل ڏينهن مون سان ملاقات لاءِ رابطو ڪيو هو، مون اڄ اسيمبلي آفيس پڇي پاڻ عامر ڊوگر سان رابطو ڪيو

عامر ڊوگر ٻڌايو تہ پي ٽي آءِ جا ڪجهہ ماڻهو استعيفيٰ واري معاملي تي ملاقات ڪرڻ چاهين ٿا: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر

اسلام آباد (م ډ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف چيو آهي تہ پي ٽي آءِ جي چيف وهپ عامر ڊوگر اڄ ملاقات لاءِ نہ آيو ۽ هن هائي سياڻي ملاقات جو چيو آهي. پارليامنٽ هائوس ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي راجا پرويز اشرف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پشاور: خيبرپختونخواهہ حڪومت جو ترجمان بئريسٽر محمد علي سيف پريس ڪانفرنس ڪندي

سپريم ڪورٽ جو سنڌ جي سمورن سرڪاري ڪاتن اندر معذور ڪوٽا تي ڀرتي ڪرڻ جو حڪم

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ سنڌ جي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ معذور ماڻهن کي ڪوٽا تي نوڪريون نہ ڏيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

سمورن ڪاتن ۾ معذور ماڻهن جي ڀرتين وارو عمل ٻن هفتن ۾ شروع ڪيو وڃي، جن ڪاتن ۾ جايون خالي آهن انهن ۾ ڀرتيون ڪيون وينديون

خاص ماڻهن جي ڪوٽا تي سنڌ حڪومت ڪجهہ حد تائين عملدرآمد ڪيو آهي: ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل

ڪراچي (م ډ) سپريم ڪورٽ صوبائي حڪومت کي ڇهن مهينن اندر معذورن جي ڪوٽا تي ڀرتي مڪمل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ سنڌ جي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ معذور ماڻهن کي ڪوٽا تي نوڪريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بهترين حڪومت کي گهر پيڙو ڪري جو ڪرن کي اقتدار ڏئي اسٽيبلشمينٽ غلطي ڪئي: فواد چوڌري

عمران خان جي حڪومت ڪيرائي اڍائي سالن لاءِ ٽيڪنوڪريٽ حڪومت ناهڻ واري ڳالهہ مذاق آهي: اڳوڻو وفاقي وزير

حڪومت نٿي هلي تہ اوهان آمريڪا مان امپورٽڊ ٽيڪنوڪريٽ آڻيندؤ، غير چونڊيل ماڻهو آمريڪا مان درآمد ڪرڻ سان مسئلا حل نہ ٿيندا

ملڪ جي مسئلن جو حل چونڊون آهن، افغانستان جي صورتحال خراب ٿيندي تہ پاڪستان متاثر ٿيندو، اسان هر وقت نٿا وڙهي سگهون

اسلام آباد (م ډ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري جو چوڻ آهي تہ بهترين حڪومت کي گهر پيڙو ڪري جو ڪرن کي مڙهي اسٽيبلشمينٽ غلطي ڪئي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فواد چوڌري چيو تہ عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ملڪ ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي، ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا: ڪائرا

عمران خان آمريڪا ۽ سعودي عرب سان لاڳاپا خراب ڪيا جڏهن تہ آمريڪا جا اسان سان سٺا لاڳاپا ناهن پر اسان ان آڏو نہ جُهڪنداسين

جا اليڪشن ڪرائڻ، قانون ۽ آئين ناهڻ سان جمهوريت اچي ويندي آهي؟ ادارا ۽ عمارتون اڏڻ سان جمهوريت ناهي ايندي: وزيراعظم جو صلاحڪار

ملڪ ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي تنهنڪري ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا، پاڪستان جي آمدني نوَ هزار ارب ۽ خرچ 14 هزار ارب آهي

سکر (رپورٽر) وزيراعظم جي ڪشمير معاملن بابت صلاحڪار قمر زمان ڪائرا چيو آهي تہ عمران خان آمريڪا ۽ سعودي عرب سان لاڳاپا خراب ڪيا جڏهن تہ آمريڪا جا اسان سان سٺا لاڳاپا ناهن پر اسان ان آڏو نہ جهڪنداسين. سکر ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سکر: وزيراعظم جي ڪشمير معاملن بابت صلاحڪار قمرزمان ڪائرا پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ٽي آءِ اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ جو فيصلو چئلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ډ) پاڪستان تحريڪ انصاف اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ تي اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. ميڊيا ذريعن موجب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اسلام آباد جون مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ جي معاملي تي پاڪستان تحريڪ انصاف اليڪشن ڪميشن جو فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ملڪ ۾ سون جو اگهہ تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو

في تولي سون جي قيمت ۾ سئو رپيا واڌ ٿي آهي، قيمت هڪ لک 82 هزار 800 رپيا ٿي وئي

عالمي بازار ۾ سون جي قيمت ۾ ست ڊالر لاٿ آئي آهي ۽ ان نئين قيمت 1803 ڊالر في اونس آهي

ڪراچي (م ډ) ملڪ ۾ سون جو اگهہ تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ جسٽس جمال الدين مندوخيل تي ٻڌل ٻہ رڪني ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ جسٽس جمال الدين مندوخيل ۽ جسٽس حسن اظهر رضوي تي ٻڌل ٻہ رڪني بئنچ سنڌ ۾ سمورن ڪاتن اندر معذورن کي ڇهن مهينن ۾ ڀرتي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي .عدالت ۾ سنڌ جي سرڪاري ڪاتن ۾ معذور ماڻهن کي ڪوٽا تي نوڪري ڏيڻ جي حوالي سان هاءِڪورٽ جي فيصلي جي خلاف اپيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ اربين روپين جي ڪرپشن: نيب جاچ شروع ڪري ڇڏي

رقم ڪڏهن ۽ ڪيتري جاري ٿي، ٽينڊر جا سمورا تفصيل ڏنا وڃن، ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ ڪيتري رقم خرچ ٿي

نيب پاران جاچ شروع ڪرڻ باوجود آبپاشي کاتي طرفان اڃان تائين ڪو بہ رڪارڊ ناهي ڏنو ويو

ڪراچي (م ډ) نيب ٽرڪول واٽر پروجيڪٽ ۾ هڪ ارب 29 ڪروڙ روپين جي ڪرپشن جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. نيب اختيارين ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جسقم ٽنڊو محمد خان طرفان پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

پرويز پناڻ ۽ بلڙي پوليس اتالا ساڻ ڪري پچا برادري جي گهرن تي چڙهائي خلاف احتجاج

ڪارڪنن زاهد جسڪاڻي اصغر نوناري ايوب ڪوريجو مختيار خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

الهڏنو پنهور پرويز پناڻ سميت جيڪي ملوث آهن انهن تي ايف آئي آر داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٽنڊو محمد خان طرفان ٽئين ڏينهن به جواز پوليس پرويز پناڻ جي چرچ تي پرويز پناڻ ۽ بلڙي پوليس اتالا ساڻ ڪري پچا برادري جي گهرن تي چڙهائي ڪرڻ واري عمل خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان: جسقم اڳواڻ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نادرا چيئرمين پاران لهر ڪالوني پرسان نادرا رجسٽريشن سينٽر جو افتتاح

لاڙڪاڻو (رپورٽ) نادرا چيئرمين محمد طارق ملڪ لاڙڪاڻي پهچي شهر جي لهر ڪالوني پرسان نادرا رجسٽريشن سينٽر جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊي جي نادرا سکر احتشام شاهد، ڊپٽي آپريشن مئنيجر غلام مصطفي پنهور، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن ڪيپٽن رٽائرڊ رضا علي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو زون نبي بخش، اسسٽنٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سرحد پرسان قاضي واهه مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ

قاضي واهه مان مکڻ موري جي علائقي وٽان نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو

اسپتال جي مرده خاني ۾ رکيو ويو آخري اطلاعن تائين لاش جي سڃاڻپ نه ٿي

سرحد(رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پرسان قاضي واهه مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ سڃاڻپ لاءِ اسپتال منتقل. خبرموجب سرحد پرسان قاضي واهه مان مکڻ موري جي علائقي وٽان نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب مقامي ماڻهن قاضي واهه ۾ ترندڙ لاش ڏسي سرحد پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد سرحد پوليس پهچي لاش ڪڍائي سول اسپتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز پريس ڪلب اڳيان اميدوارن پاران مطالبن لاءِ احتجاجي مظاهرو

عتيق الرحمان وسطڙو شعيب علي شهباز علي طارق علي صعيد احمد احتجاج ڪيو

حيدر آباد رينج 388 سنڌ پوليس جي رنگ پاس ڪري لکت واري ٽيسٽ ڏني هئي:مظاهرين

سنڌ پوليس حيدر آباد 388 رينج جون 240 پوسٽ پيل آهن ته 33 کان 39 وارن کي آفر آڊر ڏنا وڃن

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ امتياز چانڊيو عتيق الرحمان وسطڙو شعيب علي شهباز علي طارق علي صعيد احمد اجب گل ڪامران علي منظر علي سهيل احمدڪاظم خان بابر علي سرمد علي ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان 2019 ۾ حيدر آباد رينج 388 سنڌ پوليس جي رنگ پاس ڪري لکت واري ٽيسٽ ڏني هئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: اميدوار آفر آڊر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شيخ اياز فطرت جو شاعر هو، رولاڪ مسافرجيان فطري نظارن سان جو متلاشي هو:مقررين

خيرپور(در) شيخ اياز فطرت جو شاعر هو . هُو ڪنهن رولاڪ مسافرجيان فطري نظارن سان جو متلاشي هو. شيخ ايازجي شاعريڪنهن تقليد ۽ مصلحت کان الاهي پري آهي هو ڪنهنجو تسلسل نه هو شيخ اياز شاعري،جي حوالي سان پنهنجا دڳ پاڻ کوهيا . اهڙن خيالن جو اظهار سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ پاران شيخ اياز ورسي تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مورو ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي هٽائڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو

سياسي سماجي قومپرست تنظيمن دوڪاندارن، واپارين پاران ڪورٽ کان ريلي ڪڍي

وڪيل قادر بخش ڪورائي، راڄه جي ايم ڪورائي، وڪيل غلام الله ميمڻ، جماڻي شريڪ

هاشم نول، راشد نول، محمد اڪرم ميمڻ، انور سولنگي، صدام ڪلهوڙو ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ هئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو ۾ وڌندڙ بد امني ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ڊي ايس پي مورو کي هٽائڻ لاءِ وڪيل برادريءَ سميت سياسي سماجي قومپرست تنظيمن دوڪاندارن، واپارين پاران ڪورٽ کان احتجاجي مظاهرو ريلي، مورو پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو ويو. جنهن جي اڳواڻي مورو بار جو جنرل سيڪريٽري قادر بخش ڪورائي، راڄه جي ايم ڪورائي،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو ليڪچرار فرزند جو ٽيجهو ٿي گذريو

ٽيجهو ڳوٺ ٻچو هاليپوٽو ننڊو روڊ تي هاليپوٽا لا ايسوسيئيشن جي آفيس تي ٿيو

حبيب ڪلوئي، رشيد هاليپوٽو سريش ڪمار، دلدار نوحاڻي، جهه مينگهواڙ ۽ ٻين جي شرڪت

عوامي تحريڪ اڳواڻ صدر جاڪرو نوحاڻي مختيار بڪاري مهراڻ درس رامجي ڪولهي شرڪت ڪئي

بدين/ٽنڊو باگو (نمائندن وٽان) عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو ليڪچرار فرزند پروفيسر سراج هاليپوٽو جو ٽيجهو اڄ ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ ٻچو هاليپوٽو ننڊو روڊ تي هاليپوٽا لا ايسوسيئيشن جي آفيس تي ٿيو جتي سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين طرفان ننڊو روڊ ڪان

بدين: عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سومار هاليپوٽو جو ليڪچرار فرزند جو ٽيجهو ٿي گذريو

بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي جي موقعي تي پي پي ايڇ آءِ جون اسپتالون کليل رهيون

لاڙڪاڻو(رپورٽر) ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي جي موقعي تي پي پي ايڇ آءِ لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ مينيجر جي هدايتن تي رورل ايرياز جون اسپتالون رتوڪوٽ، ٻيڙو چانڊيو، شاهه آباد، ڏامراهه، ڪوٽ آباد، آباد ڀٽو، پنجوديرو، مڏباهو ۽ موهن جو دڙو ايمرجنسي طور کليل رهيون، جنهن ۾ 2 ميگا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سياري جون ٿڌيون راتيون، کليل آسمان هيٺ ويٺل ٻوڏ متاثرين جا اهنج وڌي ويا

سرڪار بي گهر ٿيل ٻوڏ متاثرين کي لاوارث ڇڏي ڏنو، ٻن يونين ڪائونسلن ۾ واهر نه ٿي

رمضان خاصخيلي، محمد صفر خاصخيلي رمضان خاصخيلي، عزيز خاصخيلي احتجاج ڪيو

سمورن ڳوٺن جي بي گهر ٿيل ٻوڏ متاثرين جي بحالي لاءِ بهتر قدم کڻي واهر ڪئي وڃي:ڳالهيون

دادو(ن سنڌيار) تبديل ٿيندڙ موسم سياري جون ٿڌيون راتيون، کليل آسمان هيٺ ويٺل ٻوڏ متاثرين جا اهنج وڌي ويا سرڪار بي گهر ٿيل ٻوڏ متاثرين کي لاوارث ڇڏي ڏنو دادو تعلقي جي ٻن يونين ڪائونسلن ۾ ٻوڏ تباهي مچائي ڇڏي سوين خاندان دربدر ٿيا سنڌ سرڪار متاثرين جي بحالي لاءِ ڪي به قدم نه کنيا دادو تعلقي جي يونين ڪائونسل يار محمد ڪلهوڙو جي ڳوٺ حاجي ماهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي خاص هدايتن تي پوليس پاران ڪارروايون

پوليس نقصانڪار ڳٽڪو، غير قانوني هٿيار ۽ چوري ڪيل 04 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون

چور ڦر جي نيت سان ويٺل ڌوهارين ايس ايڇ او دريا خان ۽ پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني:عملدار

ڪارروائي دوران 2 غير لائسنسي پستول (30 بور) ۽ ٽي موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن

نوشهروفيروز (رپورٽر) ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي خاص هدايتن تي منشيات فروش، ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن 04 جوابدار گرفتار چرس، نقصانڪار ڳٽڪو غير قانوني هٿيار ۽ چوري ڪيل 04 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون. تفصيل موجب ايس ايڇ او دريا خان مري نبي بخش جلباڻي پوليس اهلڪارن سان گڏ ڳجهي اطلاع تي . دريا خان مري ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: پوليس پاران ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل ڏوهاري حراست ۾ بيٺل آهن

بدين ضلع جي يونين ڪائونسل منوخان چانڊيو ۾ پ پ کي وڏو جهٽڪو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ضلع جي يونين ڪائونسل منوخان چانڊيو ۾ پ پ کي وڏو جهٽڪو پارٽي جي مک اڳواڻ اڳوڻي ضلع ڪائونسل جي ميمبر هالوڪي پي پي جي ٽڪيٽ تي چونڊ وڙهندڙ اميدوار رئيس عبداللطيف بروهي پي پي پي کان پنهنجون راهون جدا ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڪالا ڳوٺ حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز مان بارشن جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ قائم ضلعي ڪاميٽي جو اجلاس

ضلعي ڪاميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي صدارت هيٺ آفيس ۾ ٿيو

اجلاس ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ امجد احمد ميمڻ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شريڪ ٿيا

اسڪارپ کاتي جي ٽيوب ويلن کي هروقت بجلي فراهم ڪري هلايو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ضلعي مان بارشن جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ قائم ضلعي ڪاميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ ٿيو اجلاس ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ امجد احمد ميمڻ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مهدي مالوف، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر غلام فاروق وسطڙو، ايگزيڪيوٽو انجنيئر اسڪارپ نيازحسين راڄپر، اسسٽنٽ/بقايا پڙهو صفحو3 نمبر 21

خانپورمهر ويجهو ڳوٺ موالي خان شر ۾ پوليس ۽ شر برادري ۾ جهيڙي وارو معاملو

پوليس جو ڳوٺ تي ڪڙو، هڪ ڄڻو گرفتار، چوري ۽ پوليس مٿان حملي جا 2 ڪيس داخل

محمد جعفر مگنهار جي فرياد تي شر برادري جي 28 ڄڻن خلاف پوليس تي حملي جو ڪيس داخل ٿيو

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ موالي خان شر ۾ پوليس ۽ شر برادري ۾ جهيڙي وارو معاملو پوليس جو ڳوٺ تي ڪڙو، هڪ ڄڻو گرفتار، چوري ۽ پوليس مٿان حملي جا شر برادري جي 32 ڄڻن مٿان به ڏار ڏار ڪيس داخل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊومحمدخان جي ڳوٺ علي خان مگسي رهواسين پاران بااثرن خلاف احتجاج

ڳوٺ علي خان مگسي رهواسين علائقي جي بااثر جي ڏنل ڌمڪين خلاف مظاهرو ڪيو

بااثر اصغر مگسي جون ڳوٺاڻن سان هر روز زيادتيون وڌي ويون آهن:مظاهرين جون دانهون

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان جي ڳوٺ علي خان مگسي رهواسين پاران علائقي جي بااثر جي ڏنل ڌمڪين ۽ حراسان ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج نعريبازي خبر موجب تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊومحمدخان: ڳوٺ علي خان مگسي جا رهواسيبااثرن خلاف پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

سڄاول ۾ مهيشوري برادري پاران ڪراچي ماب 13 سالا نينگري اغوا ٿيڻ خلاف احتجاج

ابو مهيشوري، ميگهو مارورڙ، سومار مهيشوري، ڪانيو مهيشوري جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

13 سالا نابالغ نينگري رميلا عرف سوٽو مهيشوري کي ارشد صالح محمد اغوا ڪري ويو آهي:الزام

سڄاول (در) سڄاول ۾ مهيشوري برادري پاران ڪراچي ۾ 13سالا نينگري اغوا ٿيڻ خلاف احتجاج، سڄاول جي مهيشوري برادرين پاران ابو مهيشوري. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پوليو جي خاتمي واري مهم ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون وڃن: ياسر ڀٽي

گذريل مهم جي تجربن مان سکيو وڃي ۽ ايندڙ مهم تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي

مهم دوران ضلعي جي 154082 ٻارن کي پوليو جا قطرا پيئاريا ويندا: فوڪل پرسن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ياسر ڀٽي چيو آهي ته 23 جنوري 2022 کان شروع ٿيندڙ پوليو جي خاتمي واري مهم ۾ ڀاڱ اربڻ واري جذبي تحت خدمتون سرانجام ڏنيون وڃن ته جيئن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

فورم سمورين ٻولين جي فروغ ۽ ترقي ءَ جي لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي: اعجاز ممنائي

سنڌي زبان ۽ ادب کي نه صرف پاڪستان بلڪ عالمي سطح تي ان جي پذيرائي ڪرائڻي آهي

ڪابينه الڳ ٿاهي ويندي انڪري سرگرم سنڌي اديبن شاعرن ۽ جاڪرڙي محققن کي دعوت ڏني ڏجي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) انٽرنشنل رائٽرز فورم پاڪستان صوبه سنڌ جي صدر اعجاز ممنائي فورم جي صوبائي ڪابينه تشڪل ڏني آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: انٽرنشنل رائٽرز فورم پاڪستان صوبه سنڌ لاءِ سال 2023 جي ڪابينه جو اعلان ڪيو ويو

شيخ اياز سنڌ سميت سموري انسانذات جو طرفدار شاعر ۽ ڏاهو ذات ڏٺي آهي:مقرر

25 هين ورسي جي ڪوٺايل تقريب ۾ سنڌ جي ناليواري پاڻي ماهر ۽ ٻين پاران شرڪت

احمد خان خشڪ،مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر مارو خشڪ، ايڊووڪيٽ راڻي ڀٽو پاران پيتا پيش

ٺٽو (رپورٽر) شيخ اياز سنڌ سميت سموري انسانذات جو طرفدار شاعر ۽ ڏاهو ذات ڏٺي آهي سندس شاعري ۽ نثر ۾ ٿي مظلوم ۽ محڪوم، قومن ۽ ماڻهن جي لاءِ گس ڏيندڙ آهن اهڙيون ڳالهيون مڪلي پريس ڪلب ۾ سنڌي ادبي سنگت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پريارود جي جعفرآباد محلي جي رهواسي پورهيت پاران احتجاجي مظاهرو

الياس وسطڙو سوئي گئس انتظاميا خلاف پرياسٽي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪيو

مان موٽرسائيڪل تي ٿانو ڪپائي پورهيو ڪندو آهيان، ٺوڳيس ورتو وڃي: الياس وسطڙو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياورود جي جعفرآباد محلي جي رهواسي پورهيت الياس وسطڙو سوئي گئس انتظاميا خلاف پرياسٽي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي ٻڌايو ته 5 مهينا اڳ منهنجي گهرجي سوئي گئس بل ۾ 10 هزار رپيا ڊڊڪشن هنئي وئي آهي جيڪا سراسر زيادتي آهي هن ٻڌايو ته مان موٽرسائيڪل تي ٿانو ڪپائي پورهيو ڪندو آهيان غريب آهيان آفيسن جا چڪر لڳائي ٿڪجي پيو آهيان ڪو به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هڻ ٻڌايو ته 8 مهينا اڳ به مان 38 هزار ڀري چڪو آهيان هاڻي وري گئس انتظاميا ڊڊڪشن هنئي آهي هن وزيراعلي سنڌ محتسب اعلي سنڌ ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ماتلي ۾ مدرسه بيت السلام ۾ رهندڙ نيو مسلم قرآن جي حافظن کي بيدخل ڪرڻ خلاف احتجاج

حافظن کان گهر خالي ڪرائڻ تان مدرسي انتظاميه خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي آڏو احتجاج ڪيو

محمد رمضان شيخ .فيض محمد شيخ حافظ علي احمد شيخ احمد شيخ محمد عمر مظاهرو ڪيو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ماتلي ۾ مدرسه بيت السلام ۾ ڪجھ عرصو اڳ ٿيندڙ نيومسلم خاندانن سان نا انصافي ۽ ڪراڙن ۾ رهندڙ نيومسلم قرآن جي حافظن کان گهر خالي ڪرائڻ تان مدرسي انتظاميه خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ميڊيا سان ڳالهائيندي محمد رمضان شيخ .فيض محمد شيخ حافظ علي احمد شيخ. احمد شيخ. محمد عمرشيخ ۽ ٻين نيومسلم خاندانن ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته مدرسه بيت السلام انتظاميه اسان جي ڇوڪرن کي حافظ قرآن ٿيڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف ڳوٺن ۾ چوپائي مال کي ويڪسين ڪرائي وئي

ڳوٺ عرس پنهور: بلاول پنهور: سميت ٻين پاڙن محلن ۽ پسگردائي ۾ ٽڪا لڳايا ويا

سوين مسڪين مالوندن کي نقصان ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن: ڊپٽي ڊائريڪٽر

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف ڳوٺن ۾ چوپائي مال ۾ ڦهلجندڙ بيمارين جا بچاءَ خاطر ٽڪا لڳايا ويا ٽنڊو غلام حيدرجي ڳوٺ عرس پنهور: بلاول پنهور: سميت ٻين پاڙن محلن ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو ۾ قومي ۽ مزاحمتي راڳي سرمد سنڌي جي 26 ورسي تقريب، ساڃاهه وندن پاران ڀيٽا

تقريب دادو پريس ڪلب ۾ سرمد سنڌي يادگار ڪاميٽي پاران عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)دادو ۾ سنڌ جي قومي ۽ مزاحمتي راڳي سرمد سنڌي جي 26 ورسي تقريب دادو پريس ڪلب ۾ سرمد سنڌي يادگار ڪاميٽي پاران عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي پريس ڪلب دادو جي ڪانفرنس هال ۾ ورسي تقريب کي سنڌ جي ناليوارن صحافين، اديبن، شاعرن ۽ سول سوسائيٽي جي ماڻهن سندس زندگي کي لنظن جي ڀيٽا پيش ڪئي. ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو: قومي ۽ مزاحمتي راڳي سرمد سنڌي جي 26 ورسي تقريب منعقد

ڏڙو ۾ مهانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، اٽو 140 روپيا مهانگو ٿي ويو

شهر ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ مهانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن

140 روپيا واڌ ۽ ٻين ڪاڌي پيتي جي شين ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف پورهيتن پاران احتجاج

تاريخ جي بدترين مهانگائي ڪري عوام جي وات مان ماني جو گراهه به کسي ورتو آهي:مطالبو

ڏڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ مهانگائي ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، اٽو 140 روپيا مهانگو ٿيڻ خلاف غريب پورهيت روڊ تي نڪري آيا، احتجاج، نعريبازي، ڏڙو تفصيل مرجب ڏڙو شهر ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ مهانگائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڏڙو: وڌندڙ مهانگائي خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

برسات ٻوڏ متاثر فنڪارن جي مالي سهائتا لاءِ سکر جي ڪچرل هال ۾ پروگرام ختم

سکر(رپورٽ) برسات ٻوڏ متاثر فنڪارن جي مالي سهائتا لاءِ سکر جي ڪچرل هال ۾ ڪرايل ٽن ڏينهن وارو جيئرتي پروگرام پڄاڻي تي پهتو سنڌ جي ناليوارن فنڪارن شمن ميرالي،ممتاز مولائي،غلام حسين عمراڻي،ضامن علي سمون،جونيئر علڻ فقير،برڪت علي ڀٽ اعجاز برڙو، عمران ڪامران جمالي،مارل گروپ،نالا بابوجلال/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خانپورمهر ۾ سستو اٽو نه ملڻ خلاف شهرين ۽ پورهيتن جو احتجاجي مظاهرو

راجا فلور مل انتظاميه پاران سستو اٽو نه ڏيڻ خلاف شهرين ۽ پورهيتن مظاهرو ڪيو

جلال سيال. هاشم گڏاڻي. مل انتظاميه ۽ مختيارڪار خانگڙهه خلاف نعريبازي ڪئي

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ سستو اٽو نه ملڻ خلاف شهرين ۽ پورهيتن جو مل جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو. خبرموجب خانپورمهر ۾ راجا فلور مل انتظاميه پاران سستو اٽو نه ڏيڻ خلاف شهرين ۽ پورهيتن عبدالمجيد لنڊ. جلال سيال. هاشم گڏاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو مل انتظاميه ۽ مختيارڪار خانگڙهه خلاف نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي ۾ طلاق يافته ناري پاران اڳوڻي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

پنجاب جي طلاق يافته صائمه مغل پنهنجي ٽن ٻارن سميت ڪراچي پهچي احتجاج ڪيو

مون کي اڳوڻي مڙس محمد امين طلاق ڏيئي ٽن معصوم ٻارن سميت گهران ڪڍي ڇڏيو:ناري

جان کان مارڻ، ڪارو ڪاري ڪرڻ، ٻار ڦرڻ، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر) چينوٽ پنجاب جي طلاق يافته صائمه مغل پنهنجي ٽن ٻارن سميت ڪراچي پهچي راشد علي مغل سان ڪورٽ ۾ برٿو ڪري ڇڏيو. اڳوڻي مڙس ۽ والدين پاران ڌمڪيون ملڻ خلاف صائمه مغل پنهنجي ٽن ٻارن ۽ مڙس راشد علي مغل سميت صحافين وٽ پهچي داهيندي ٻڌايو ته مون کي پنهنجي اڳوڻي مڙس محمد امين طلاق ڏيئي ٽن معصوم ٻارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي: ڪتاب جي طلاق يافته ناري ٻارن سان گڏ اڳوڻي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهي آهن

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ هڪ ڏينهن جي دوري تي بدين پهتو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ هڪ ڏينهن جي دوري تي بدين پهتو انهي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد کي ڊي سي آفيس متعلق مڪمل بريفنگ ڏني جنهن ۾ ڪمپيوٽرائز ڊوميسائل برانچ آرم لائسنس برانچ سميت برسات ۽ ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سيتا روڊ لڳ رحماني ڊنڊ ڪناري ٻڏل ستن ڳوٺن مان پاڻي نيڪال نه ٿيو، احتجاج

ملان خميسو رحماني، ڳوٺ جمال الدين جانوري ڳوٺ خيرمحمد بالادي متاثر ٿيا آهن

باول شاهه سميت رحماني قبرستان مان بيٺل برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ مظاهرو

ٻڏل ستن ڳوٺن ۽ رحماني قبرستان مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي:مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا روڊ لڳ رحماني ڊنڊ ڪناري ٻڏل ستن ڳوٺن ملان خميسو رحماني، ڳوٺ جمال الدين جانوري ڳوٺ خيرمحمد بالادي ڳوٺ ملاحن جي مياڻي ڳوٺ شبير آباد چنا ڳوٺ حمزو خان ڪولاچي ڳوٺ ڏوگر باول شاهه سميت رحماني قبرستان مان بيٺل برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ سيتاسرڪنهارفورم ۽ ڳوٺاڻن پاران هلندڙ جدوجهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊوباگو ۾ ناميارى محقق، اديب ۽ صحافي عثمان راهوڪڙو جي پهرين ورسي ٿي گذري

عثمان جي زندگي تي ڪتاب سهيڙڻ کپي، عثمان محقق طور ڪردار تاريخ ۾ زنده رهندو: مشتاق قل

سندس ڪتاب سنڌو ۽ هاڪڙو جا وهڪرا ۾ درياهه کي بچائڻ جون دانهون وقتائتيون هيون: فتح محمد شهزاد

زاهد گل جمالي فقير لڪاڏنو جت ۽ ٻين خطاب ڪيو سانول گل جمالي آغا ظفر ۽ ڏاڙهون ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽنڊوباگو(رپورٽ:سهيل سمون) ناميارى محقق، اديب ۽ صحافي عثمان راهوڪڙو جي پهرين ورسي جي تقريب پريس ڪلب ٽنڊوباگو جي اڱڻ ۾ ٿي گذري جنهن کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق قل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊوباگو: اديب ۽ صحافي عثمان راهوڪڙو جي پهرين ورسي جي مناسبت سان تقريب منعقد

سکر ۾ سنڌ هاري ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن پاران پاڻ جي بليڪ تي وڪري خلاف احتجاج

سکر(بيورورپورٽ) سکر ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن پاران زرعي ٻاڻ جي بيلڪ تي وڪرو ڪرڻ خلاف لوڪس پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي پريس ڪلب تي جلسو ڪري اڳواڻن خطاب ڪيو مظاهرو ڪندڙن پريس ڪلب اڳيان سخت نعريبازي ڪئي. سنڌ هاري ڪاميٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي گلزار هجري اسڪيم 33 جي 47 سيڪٽر ۾ سرڪاري زمين مٿان قبضا

پوليس جي مدد سان بند ڪرائڻ بعد لينڊ مافيا جي ماڻهن ۽ ساٿارين ۾ ٽرٽلو مچي ويو

بااثرن پاران صحافين کي حراسان ڪرڻ ادارن مان نيڪالي ڏيارڻ لاءِ سازشون شروع ڪيو ويون

لينڊ مافيا خلاف اڃا تائين ڪا به اثرائتي ڪارروائي ناهي ڪئي وئي آهي:ساڃاهه وندن جون ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گلزار هجري اسڪيم 33جي 47 سيڪٽر ۾ سرڪاري زمين مٿان لينڊ مافيا حنيف سومرو ۽ سندس ساٿين طرفان غير قبضو ڪري پلاٽنگ بعد اڏاوتي ڪم مختيار ڪار گلزار هجري اسڪيم 33 اعجاز الحسن خان طرفان پوليس جي مدد سان بند ڪرائڻ بعد لينڊ مافيا جي ماڻهن ۽ ساٿارين ۾ ٽرٽلو مچي ويو آهي لينڊ مافيا جي ماڻهن طرفان جعلسازي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ايڊيشنل هيلٿ سيڪريٽري پاران ميمڻ ڳوٺ سرڪاري اسپتال جو دورو

پيپلز پارٽي اڳواڻ انور جاموٽ عرفان علي شيخ جواد احمد باريچو محمد اسلم شريڪ

اسپتال جي عملي ۽ پي پي ايڇ آئي جي اڳواڻ سان ملاقات ڪئي اسپتال جي ڪارگردگي رپورٽ طلب ڪئي

ڊپارٽمنٽ کي ڪجهه ڪوڙا ڪرپٽ آفيسرن تباهه ڪيو آهي، ايڪسري مشين ايمبولينس سسٽم به تباهه آهي:عملدار

ڪراچي (رپورٽر) ايڊيشنل هيلٿ سيڪريٽري ڪراچي ڊاڪٽر انيلا سولنگي جو ميمڻ ڳوٺ سرڪاري اسپتال جو اچانڪ دورو ڪيو اير ايس ڊاڪٽر صالح ڏيپر پيپلز پارٽي اڳواڻ انور جاموٽ عرفان علي شيخ جواد احمد باريچو محمد اسلم بروهي ۽ اسپتال جي عملي ۽ پي پي ايڇ آئي جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي اسپتال جي ڪارگردگي رپورٽ طلب ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر انيلا سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: ايڊيشنل هيلٿ سيڪريٽري اسپتال جو دوري تي رڪارڊ چيڪ ڪري رهيو آهن

90 جي ڏهاڪي جي پوئين اڌ واري زماني ۾ ريڊيو ۾ نئين اٿل پٿل آئيل مختيار ملڪ

خيرپور(د ر) ريڊيو پاڪستان سابق ڊائريڪٽر ۽ ڪنٽرولر شاعر اديب محقق اسڪالر مختيار ملڪ چيو آهي ته آوازن جي هڪ وسيع دنيا آهي 80 کان 90 جي ڏهاڪي جي پوئين اڌ واري زماني ۾ ريڊيو پاڪستان ۾ هڪ نئين اٿل پٿل آئي سنڌ ۾ هڪ پاسي حيدآباد جي آوازن جو هڳاءُ هو ته ٻئي پاسي ڪراچي جي معياري پروگرامن جو ٻچس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سنڌ جي تاريخي ماڳ پنيور جي ڳوٺ محمد هاشم ڪچي مينڊرو جي بجلي بحال

ڳوٺ محمد هاشم ڪچي مينڊرو جي بجلي بحال ٿيڻ ۾ خوشي جي لهر ڇانيل آهي

مهيني کان بجلي بند هئي جنهن جا اسان بل به ڀڻ ادا ڪيا هئا پر بجلي بحال نه ٿي:ڳوٺاڻا

عبدالسلام تنولي پنهنجي ذاتي خرچ مان بجلي بحال ڪرائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي

گهارو نمائيندو(سنڌيار) گهارو سنڌ جي تاريخي ماڳ پنيور جي ڳوٺ محمد هاشم ڪچي مينڊرو جي بجلي بحال ڳوٺاڻن ۾ خوشي جي لهر گهارو سنڌ جي تاريخي ماڳ پنيور جي ڳوٺ محمد هاشم ڪچي مينڊرو جي بجلي لائن هڪ مهيني کان ڪٽيل هئي جيڪا بحال ٿي وئي ڳوٺاڻن حاجي نور محمد ڪچي، صالح محمد ڪچي، محمد بلوچ ۽ ٻين چيو ته مهيني کان بجلي بند/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 29 ڊسمبر 2022ع

دهشتگردي جو خطرو ۽ سياسي ڌرين جي ذميواري

ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام هجي، معيشت جي حالت خراب هجي ته دهشتگردن کي منظم ٿيڻ لاءِ ان کان وڌيڪ ڀلو وقت ملي نه ٿو سگهي ۽ انهي جو فائدو وٺي انهن اهي ڪارروايون شروع به ڪري ڇڏيون آهن. پهرين ڪي پي مان دهشتگردي جون ڪارروايون شروع ٿيون ۽ انهي خلاف احتجاج به ٿيا ته دهشتگرد منظم ٿي رهيا آهن انهي کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن پر ڪي پي حڪومت سياسي معاملن ۾ مصروف هجڻ سبب انهن تي اهو ڌيان نه ڏئي رهي هئي جنهن سان انهن دهشتگردن کي روڪي سگهجي. ايستائين جو اهي به خبرون اچي رهيون هيون ته وڏي وزير سميت ٻيا وزير ۽ ڪامورا به انهن دهشتگردن کي ڀتو پهچائي پنهنجي جان جي امان گهري رهيا هئا. انهي ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ هڪ دهشتگرد جي گهڙڻ جون خبرون آيون ۽ پوليس اهلڪارن هڪ چوڪي تي ان کي روڪي تلاشي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهي خودڪش بمبار پاڻ کي ڦاڙي ڇڏيو جنهن سان هڪ اهلڪار به شهيد ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن اڳ بلوچستان ۾ دهشتگردي جا واقعا ٿيا آهن جڏهن ته هاڻي وري سنڌ جي شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر لاءِ ريڊ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي ته اتي به دهشتگردي جو خطرو آهي جڏهن ته اسلام آباد ۾ دهشتگردي جي خطري سبب سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا آهن. ايئن ٿو لڳي ڪي پي کان منظم ٿيل دهشتگرد سڄي ملڪ تائين پهچي چڪا آهن ۽ هر صوبي ۾ ڪنهن به وقت ڪا دهشتگردي جي واردات ٿي سگهي ٿي.

ڪجهه سال اڳ تائين ملڪ ۾ دهشتگردي جون وارداتون هر آئي ڏينهن ٿينديون رهنديون هيون جنهن ڪري ملڪ کي جاني نقصان سان گڏ معاشي نقصان به برداشت ڪرڻو پيو پر پوءِ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ جڏهن سياسي ڌرين نيشنل ايڪشن پلان جوڙيو ۽ ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ته سيڪيورٽي فورسز انهي دهشتگردن جي نيٽ ورڪ کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ ملڪ ۾ امن امان بحال ٿيو پر گذريل حڪومت ۾ سياسي مصلحتن جي ڪري انهي نيشنل ايڪشن پلان تي ايئن عمل نه ٿي سگهيو جنهن لاءِ اهو جوڙيو ويو هو پوءِ اهي دهشتگرد انهي ڪمزوري جو فائدو وٺندي وري منظم ٿيڻ لڳا جنهن ڪري وري ملڪ ۾ اها صورتحال ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي جنهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ نه رڳو سيڪيورٽي فورسز پر سياسي اڳواڻن ۽ عام شهرين به پنهنجون حياتيون قربان ڪيون. ڇاڪاڻ ته جيڪي به سياسي اڳواڻ انهي دهشتگردن جي سامهون ٿي بيٺا يا جيڪي عالم انهي خلاف فتوائون ڏيڻ لڳا انهن کي چونڊي چونڊي شهيد ڪيو ويو مسجدن ۽ مارڪيٽن ۾ خودڪش ڌماڪن سبب هزارين عام شهرين جون حياتيون هلي ويون. انهي دهشتگردي دوران سنڌ به تمام گهڻو پوڙيو ۽ هڪ دفعو ٻيهر وري سنڌ جي ٽن وڏن شهرن ڪراچي حيدرآباد ۽ سکر ۾ دهشتگردي جي واقعن جو خطرو ظاهر ڪيو پيو وڃي. اڳ ۾ جڏهن دهشتگردي ڪر کنيو هو ته ان وقت ملڪ ۾ هڪ آمر جي حڪومت هئي جنهن ڪانپوءِ سياسي حڪومت اچي ان تي قابو پاتو هو. ملڪ ۾ سياسي استحڪام اچڻ ۽ معيشت بهتر هجڻ سبب ان دهشتگردي تي قابو پائڻ ۾ مدد ملي پر هن وقت هڪ طرف ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام جهڙي صورتحال آهي ته ٻئي طرف وري ملڪي معيشت جي حالت به اهڙي آهي جو ملڪ جي ڊيفالٽ ٿيڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. ان صورتحال ۾ جيڪڏهن اها دهشتگردي وڌي ٿي ته ملڪ لاءِ تمام گهڻي نقصانڪار هوندي.

اسان سمجهون ٿا ته اها سياسي ڌرين جي ذميواري آهي ته ملڪ جي خراب معيشت ۽ دهشتگردي جي وڌندڙ وارداتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏجي ويهن ۽ پنهنجي سياسي ايجنڊائن کي پاسيرو رکي ملڪ کي هن ڏهڻ مان ڪيڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪن نه ته اهي دهشتگرد نيٽورڪ انهي صورتحال جو فائدو وٺي ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. تنهن ڪري حڪومت ۽ مخالف ڌر ملڪ جي هن سلامتي واري مسئلي تي پنهنجا پنهنجا اختلاف هڪ پاسي رکي گڏجي ويهي حڪمت عملي جوڙين. جيئن نيشنل ايڪشن پلان ناهڻ وقت گڏ ويٺا هئا.

ڪاميابي ڪيئن ممڪن آهي؟

ارباب علي سميجو

ڪاميابي آهي ڇا؟ ان بابت هر ڪنهن جو پنهنجو خيال ۽ نظريو هوندو پر منهنجي خيال موجب، پنهنجي خوف تي قابو پائڻ، پنهنجي مايوسي کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ فيصلو ڪري ان تي پختگي سان عمل ڪرڻ ئي ڪاميابي جا بنياد آهن. حالتون ۽ مشڪلاتون ڪٿي ڪهڙيون به هجن اهي گذري وينديون پر اهو ماڻهو ڪامياب ٿيندو آهي جيڪو پنهنجي مثبت سوچ، حڪمت عملي،همت ۽ جرئت سان مقابلو ڪري ٿو. اڪثر ماڻهن کي ناڪامي جو خوف اڳتي وڌڻ نه ٿو ڏئي ۽ ماڻهو پنهنجي خوابن کي اڌورو ڇڏي ڏيندا آهن. ته جيڪڏهن ناڪام ٿي وياسين، ته ماڻهو ڇا چوندا؟ ڪامياب ماڻهو پنهنجي مسئلن تي پريشان ٿيڻ جي بجاءِ ان جو حل ڳولين ٿا جڏهن ته ناڪام ماڻهو انهن کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ناڪام ماڻهو ٻين جي تنقيد، ٻين جا رويا ۽ منفي ڳالهيون ٻڌي دلبرداشته ٿي پنهنجا طريقا ۽ پنهنجا اصول بدلائي ٽڪجي پوندا آهن. ياد رکڻ گهرجي ته جيستائين ماڻهو پنهنجي دل کان هارنٿو مڃي تيستائين ان کي ڪوبه ناڪامين ۽ پستين ۾ نٿو ڪيرائي سگهي.

اها هڪ حقيقت آهي ته غير معمولي ڪاميابيون، غير معمولي همت،اعليٰ جذبي ۽ مستقل بنيادن تي ڪنهن صحيح رخ ۾ جدوجهد ڪرڻ سان ئي حاصل ڪري سگهجن ٿيون . راهه ۾ ننڍيون ننڍيون ناڪاميون ۽ تڪليفون ضرور رڪاوٽ بڻبيون پر ياد رکو ته انهن اڳيان جبل به جهڪي پون ٿا جن جا ارادا اٽل هجن ٿا. ڪاميابي جي لاءِ مستقل مزاجي، سوچ جي مضبوطي، ارادي جي پختگي ۽ ثابت قدمي جو هجڻ ضروري آهي. ڪاميابي جي لاءِ مستقل بنيادن تي جدوجهد کي جاري رکڻ ۽ ڪڏهن به مايوس نه ٿيڻ شرط آهي. احساس ڪمتري ۾ ماڻهو خود مبتلا نه ٿيندو آهي بلڪ اهي ماڻهو جيڪي ان جي ويجها هوندا آهن. اهي بار بار ان کي مايوسي واريون ڳالهيون ٻڌائي ان کي سست ڪري ڇڏيندا آهن ۽ آخرڪار هو به مايوس ٿي ويهي رهندو آهي. ڪاميابي لاءِ اهڙن مايوسي ڦهلائيندڙ ماڻهن کان پاڻ کي پري رکڻو آهي. ڪاميابي جي لاءِ ڪجهه ڳالهيون جيڪي ضروري آهن تن کي هيٺ ڏجن ٿيون.

مقصد جو تعين ڪرڻ: ڪاميابي جي لاءِ سڀ کان اڳ پنهنجي مقصد جو تعين ڪرڻ ضروري آهي. حديث پاڪ ۾ اچي ٿو ته عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. اهڙي طرح هرڪم جي لاءِ پهرين نيت ڪرڻ ضروري هوندي آهي. هميشه ياد رکو پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن به ٻين کان گهٽ نه سمجهو. چوندا آهن ته مايوسي ڪفر آهي. دنيا ۾ جيڪي ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن اهي به اوهان وانگر انسان آهن. انهن وٽ جيڪي وسيلا آهن اهي وسيلا ڪتب آڻي اوهان به اهي ڪم ڪري سگهو ٿا. هڪ روسي چوڻي آهي ته ڪو به فيصلو ڪرڻ کان پهرين سئو دفعا سوچيو پوءِ جيڪو فيصلو ڪريو ان تي پختگي سان بيهي رهو. وقت تي صحيح فيصلو ڪرڻ ئي ڪاميابي جي ضمانت آهي. شروعات ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي گهر وارن، مخلص دوستن ۽ انهي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ڪامياب ماڻهن کان صلاح مشورو وٺڻ ۽ ان کان پوءِ ڪاميابي جي لاءِ عقل، ذهانت، قوت، قابليت ۽ پنهنجي صلاحيتن کي ڪتب آڻي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ باري تعاليٰ تي يقين رکي ڪم کي شروع ڪرڻ گهرجي. ڪنهن مفڪر جو قول آهي ته سڄي دنيا هڪڙي طرف ۽ اوهان جو يقين هڪڙي طرف. يقين ڪريو. توهانجو يقين ڪامياب ٿيندو ۽ ڪاميابي اوهان جي يقين جي هوندي. صحيح فيصلو يا مقصد جو تعين ڪرڻ کانپوءِ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت، يقين، شوق ۽ مستقل مزاجي سان ڪم ڪريو. ناڪامي جو خوف دل مان ڪڍي ڇڏيو. پنهنجي مقصد يا حدف کي تبديل نه ڪريو بلڪ پنهنجي لائحه عمل کي لچڪدار رکو. جيئن ان ۾ حالتن جي مطابق ردوبدل ڪندا رهو پر پنهنجي منزل تي نظر رکو. جيڪڏهن هاڻي اوهان ان طئي ڪيل رستي تي هلڻ شروع ڪيو ۽ ڪٿي به رڪيا جهڪيا نه ۽ اڳتي وڌندا رهيا ته هڪ ڏينهن ضرور پنهنجي منزل ماڻي وٺندا.

پهريون قدم کڻڻ: ڪنهن به ڪاميابي لاءِ پهريون قدم کڻڻ يعني شروعات ڪرڻ ضروري آهي. هڪ ماڻهو ڊرائيونگ سکڻ چاهي ٿو پوءِ ان لاءِ ڪٿي هو ڪيترائي ليڪچر ڇو نه ٻڌي پر جيستائين هو ڊرائيونگ سيٽ تي نه ويهندو تيستائين هو ڊرائيونگ سکي نه سگهندو. اهڙي طرح اوهان به جيستائين عملي طور قدم نه کڻندا اوستائين ڪامياب نه ٿيندا. ڪاميابي جي لاءِ ضروري آهي ته پهريون قدم کڻو يعني شروعات ڪريو.

ڪاميابي جي لاءِ پاڻ کي تبديل ڪرڻ: ڪاميابي جي لاءِ سڀ کان پهرين پنهنجي زندگي جو ڍنگ تبديل ڪريو. سوير سمهو ۽ سويرا اٿو. ڪنهن مفڪر جو چوڻ آهي ته جنهن ماڻهو کي سج جي روشني اٿاري ان لاءِ بهتر آهي ته اهو ستو ئي رهي، ڇاڪاڻ جو ڪاميابي انهن جا قدم چمندي آهي جيڪي سج کي اٿاريندا آهن. اهڙو علم حاصل ڪريو جيڪو اوهانکي عملي زندگي ۾ ڪم اچي. اسان جي پاڪ پيغمبر به الله تعاليٰ علم نافع جي لاءِ دعا گهري آهي ۽ رب پاڪ به قرآن پاڪ ۾ علم جي واڌاري لاءِ دعا گهرڻ جو فرمايو آهي. ٻين جي تجربن مان سبق حاصل ڪريو. انهي لاءِ توهان جيڪو به شعبو پاڻ لاءِ چونڊيو ٿا ۽ جهڙو ٿيڻ چاهيو ٿا اهڙي قسم جي ماڻهن سان ميل جول رکو.

محنت: الله تعاليٰ ڪنهن جي به محنت رائيگان نه ڪندو آهي. الله تعاليٰ تي يقين رکي پنهنجي حوصلي، جرئت، همت ۽ صلاحيتن کي ڪتب آڻي ڪم ڪريو. انشاءَالله ڪاميابي توهان جا قدم چمندي.

جي مَتي وٽِ مِڙَنِ، تہ سيڪنهن سَڌَ ٿئي؛
سِرَ ڏني سَٽِ جُڙي، تہ عاشقَ اِئَن اچِنِ؛
لَڌا تي لَيَنِ، مُلهِ مَهانگا سُپرِينِ.

برسات متاثرين کي ٿڌ کان ڪير بچائيندو؟

محمد خالد ميمڻ

حاليہ ٻيل تباهہ ڪن برساتن سبب سنڌ جا رهواسي بي گهر ٿي ويا لکين گهر ڊهي پٽ پئجي ويا برساتن کان بعد هن مهل تائين ڪٿي بہ سرڪار ۽ چونڊيل نمائندہ بلڪل بہ نظر نہ آيا جڏهن تہ سماجي مذهبي جماعتن ۽ انفرادي طور مخير حضرات برسات متاثرين جي مدد ۾ اڳتي اڳتي رهيا ۽ انهن برسات متاثرين کي خيما راشن پهچايو روڪ رقمون ڏنيون ۽ ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪري ڪين طبي سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو جڏهن تہ ان جي برعڪس سنڌ سرڪار جي آفيسرن ڊي سيز اي سيز مختياڪارن تپيدارن چونڊيل نمائندن ايم اين ايز ايم پي ايز چيئرمينن ان برسات متاثرين جي لاءِ مليل سرڪاري امداد ۾ بہ وڏا وڏا گهپلا ڪري پنهنجا گهر پري ڇڏڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي انهن خيما ڪپايا راشن ڏوڪڙن تي دڪاندارن کي ڏئي ڇڏيو ۽ جن برسات متاثرين جي ڪئمپن تي برياني جون ديگيون ڏنيون ان ۾ بہ ڪرپشن ڪندي 7 هزارن روپين واري ديگ 18 کان 20 هزارن روپين تائين سرڪاري بلن ۾ اڳ لکيو ويو مطلب تہ برسات متاثرين جي مدد تہ نہ ڪئي وئي مورڳو انهن لاءِ آيل امداد بہ هڙپ ڪئي وئي ۽ برسات کان بعد سرڪار برسات متاثرين جا اجها نهرائي ڏيڻ جا جيڪي اعلان ڪيا ۽ ڪريل گهرن جي سروي بہ ڪئي وئي پر ان ڪريل گهرن جي سروي کي بہ ڪافي عرصو ٿي ويو آهي ۽ هاڻي جڏهن سياري جي مد شروع ٿي وئي آهي ۽ ٿڌ ۾ انتها درجي جو واڌارو ٿي ويو آهي پر سرڪار طرفان گهر نهرائڻ لاءِ ڪيل اعلان وارا پيسا هن مهل تائين برسات متاثرين کي ناهن ملي سگهيا ۽ گڏوگڏ برساتن ۾ پوکيل فصل جيڪي مڪمل تباهہ ٿي ويا هيا انهن لاءِ ڪٽڪ پوکڻ وارن آبادگارن کي في ايڪڙ پنج هزار روپيا ڏيڻ جو بہ سرڪاري اعلان ٿيو هيو پر ان اعلان تي بہ اڃان تائين عمل نہ ٿي سگهيو آهي ۽ هاڻي ٿڌ ۾ واڌ کان پوءِ بي گهر ٿيل ماڻهو ٻيڻي تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ڇوتہ گرم موسم ۾ تہ گهرياتي کليل آسمان هيٺ گذارو ڪري رهيا هيا پر هاڻي سخت ٿڌ ۾ ڪيئن اهي کليل آسمان هيٺ گذارو ڪري سگهندا اهو احساس فقط انهن بي گهر ٿيلن کي ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ وفاقي سرڪار ۽ سنڌ سرڪار رڳو پنهنجيون سرڪاري ڪرسيون بچائڻ ڪانسواءِ هن مهل تائين برسات متاثرين لاءِ سڪٿا اعلان ڪرڻ ڪانسواءِ ڪوبہ عملي ڪم ناهن ڪري سگهيا جڏهن تہ حڪمران برسات متاثرين جي نالي تي سڄي دنيا کان ڪربين روپيا امداد بہ وٺي چڪا آهن پر اها امداد ڪاڏي وئي ان جو ڪوبہ حساب ڪتاب ناهي ۽ ٻئي پاسي جن جي نالي تي اها امداد ورتي وئي آهي اهي ويچارا پهريان برساتن سبب گهرن جي ڪرڻ ۽ برساتي پاڻي سبب مئا تہ هاڻي وري اجها نہ هجڻ ڪري ٿڌ سبب بي يارو مددگار مري رهيا آهن پر ڪين جي ڪابہ مدد نہ ٿي ڪئي وڃي ۽ ڪٿي بہ سرڪار نظر نہ ٿي اچي ۽ ڪيترن ئي علائقن ۾ اڃان تائين برساتي پاڻي بيٺل آهي جيڪو پاڻي سنڌ سرڪار نيڪال بہ ناهي ڪرائي سگهي ان کان وڌيڪ نااهلي ٻي ڪهڙي ٿيندي ان لاءِ عالمي ڊونر ادارن کي گهرجي تہ اهي جيڪي امداد پاڪستان جي حڪمرانن کي ڏين پيا اها امداد اهي پاڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجي نگراني ۾ متاثرين تائين پهچائين نہ تہ هي حڪمران جيڪي ڪرپشن ڪرڻ کي پنهنجو حق سمجهي ڪري ڪن پيا اهي مليل عالمي امداد کي بہ هڙپ ڪن ٿا پيا ۽ اڃان بہ ڪندا مڙندا ڪونہ ۽ عالمي ادارن سميت ملڪي ڊونر ادارن سميت سماجي مذهبي تنظيمن کي گهرجي تہ هن سخت ٿڌ واري موسم ۾ بي گهر ٿيلن برسات متاثرين کي جيترو ٿي سگهي گرم خيما راشن پهچائي انهن جا اجها نهرائي ڏين تہ جيئن متاثرين ٿڌ کان پنهنجيون قيمتي جانيون بچائي سگهن ۽ وفاقي سرڪار سميت سنڌ سرڪار کي بہ گهرجي تہ برسات متاثرين جي لاءِ ڪين کي مليل عالمي امداد صاف شفاف نموني سان مستحقين تائين پهچائي ڪين گهر نهرائي ڏنا وڃن نہ تہ ايندڙ اليڪشن ۾ عوام ڪين جو سخت احتساب ڪندو

بقايا | سنڌيار | 01

پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ڪي جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي اصغر نوناري ايوب ڪوريجو مختيار خاصخيلي سليم هاليپوٽو نورزمان حاجاڻو ساجد سنڌي قومپرست عوامي اتحاد جي جنرل سيڪريٽري جاويد هاليپوٽو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته جاڙاهه واهه ڳوٺ حاجي پڇو ۾ پ پ پ ۽ پوليس وهنگار وهندي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي ايس ايچ او الهڏنو پنهور پوليس جي وڏي اٿالن ۽ پرويز پٺاڻ ان جي ساٿين سان گڏجي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري گهرن ۾ گهڙي چوديواري جو تقدس پائمال ڪري عورتن ٻارن بزرگن نوجوانن تي تشدد ڪري سخت زخمي ڪيو زخمين ۾ 4 سالا معصوم ٻارڙي سنيا ڪي ٻاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو هو عورتون ٻار پڻ زخمي ٿيا آهن الهڏنو پنهور ڪلهه شام جو ڊيوٽي اتڪا ۽ اوطاق کي باهه ڏئي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيا ويا آهن سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽ سيشن ڪورٽ آئي جي ڊي آئي جي انساني حقن واري تنظيم ڪان مطالبو ڪيو ته ڪريون ته پڇا برادري تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ايس ايچ او الهڏنو پنهور پرويز پٺاڻ سميت جيڪي ملوث آهن انهن تي ايف آئي آر داخل ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا | سنڌيار | 02

خبرموجب، خانپورمهر ويجهو ڳوٺ موالي خان شر ۾ چوري جا پيرا لڳڻ تان گذريل رات شر برادري جي ماڻهن ۽ پوليس وچ ۾ جهيڙي واري معاملي بعد خانپورمهر ٿاڻي تي شر برادري مٿان مينهن چوري ۽ پوليس تي حملي جا ٻه ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا

بقايا | سنڌيار | 29

جي اڳواڻ ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ امداد قاضي ،

بقايا | سنڌيار | 25

سميت گهران ڪڍي ڇڏيو، ان چيو ته جڏهن مون پنهنجي مرضي موجب راشد علي مغل سان ملير ڪورٽ پهچي ڪورٽ ميرج ڪري ڇڏيو ته هيڊنٽر محمد امين، محمد اڪرم، علي رضا، علي حمزه، محمد اشرف، منهنجا والدين منظور حسين، خالد اختر ۽ ٻيا مون کي جان کان مارڻ، ڪارو ڪاري ڪرڻ، ٻار ڦرڻ، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن، ان چيو ته مون کي ۽ منهنجي مڙس راشد علي

پاڪستان ريلويز
ڊويزنل آفيس
ڪراچي

No. 402-E/MISC/2022/P-8 Dated_____.12.2022

شوڪاز نوٽيس

جيئن ته، توهان هيٺ ڄاڻايل تاريخن کان غير حاضر آهيو. ان ڏس ۾ "شوڪاز نوٽيس"/رمائنڊر توهان ڏي رڪارڊ ۾ توهان جي گهرن جي پتي تي موڪليا ويا. پر توهان نه ئي پنهنجي دفاع ۾ جمع ڪرايا ۽ نه ئي ڊيوٽي لاءِ ذاتي طور تي حاضر ٿيا:

س نمبر	نالو	عهدو	غير حاضري جي تاريخ	اٿارٽي
1	مسٽر محمد ريحان ولد محمد رمضان	Gr-I/KC under STM/KC	07-05-2018	DS/KYC
2	مسٽر سنجي ڪمار ولد پون راج	RASM/MPS under SM/ MPS & T.I/MPS	24-08-2019	DTO/D/ KYC
3	مسٽر عمر فاروق ولد حافظ عبدالمنان	SEE/RTL under EFO/ RTL/KC	15-12-2019	DEE/ETL
4	مسٽر عمران خان ولد سائرو خان لنڊ	RC under SRS/KRO/KC	13-09-2020	DCO
5	مسٽر عمران راز ولد محمد اصغر نعيم شاهه	Sub Engineer Signal Landhi Under SI/DID	Over stay 12-07-2021	DS
6	مسٽر رضوان خان ولد سجاد حسين	SEE UNDER GFO/KC	27-07-2021	DS
7	مسٽر رشيد احمد ولد محمد خان	Assistant Driver/FOR/ MYP	12-08-2021	DME_I
8	مسٽر محمد عبيد ولد حفيظ الرحمان	SES_JMTH under SI/ KYC	Over stay 13-10-2021	DS
9	مسٽر ظهور احمد ولد نياز محمد	SMR under signal Inspector/DID	16-12-2021	DSE
10	مسٽر عمران سلطان ولد محمد سلطان	ASM Gr_I/BKB under SM/BKB	21-12-2021	DS
11	مسٽر رميز راجا ولد غلام مصطفىٰ	RC/KC under SRS/ ROKC	27-12-2021	DS
12	مسٽر شعيب علي شيخ ولد ڪرامت علي	SMR under SI/HDR	17-01-2022	DS
13	مسٽر فاروق احمد ولد محبوب علي	Guard Gr_I/KOT under S.S/KOT	24-03-2022	DS
14	مسٽر مظهر احمد ولد رئيس الدين	Assistant Driver Under FOR/MYP	17-04-2022	DS
15	مسٽر حسن احمد ولد عبدالجبار	Assistant Driver Under FOR/MYP	15-06-2021	DS
16	مسٽر دليپ ولد ڌرم راج	Cleaner under HTXR/KC	02-04-2014	AME_II
17	مسٽر راهول ولد سرجيلال	Box Porter under FOR/G/ KC	09-09-2021	DME_I
18	مسٽر محمد انور ولد صالح الدين	EEXR under RTL/KYC	04-09-2021	DEE/RTL
19	مسٽر حمزه علي ولد طاهر علي	Naib Qasid under OS/D/ KYC	14-10-2021	DPO
20	مسٽر مقدر حسين ولد مقبول حسين	SCA/B under SM/TDM	O/S 01-06-2021	DS
21	مسٽر هريش ڪمار ولد گهنشام داس	ASM Gr_II under SM/ JMTH	23-05-2022	DS
22	مسٽر علي رضا ولد منظور احمد	TXR/Gr_I/HTXR/KOT	15-02-2022	DS
23	مسٽر نعيم احمد ولد شبير احمد	Guard Gr_I/SS/KOT	26-06-2022	DS
24	مسٽر اويس سليمان ولد محمد سليمان	ASM/DPY under SM/ DPY	01-10-2021	DTO/D
25	مسٽر محمد عيسىٰ ولد لعل بخش	RASM/KYC under DTI/ KYC	19-01-2022	DTO/D
26	مسٽر ساجد علي ولد جان محمد	Assistant Driver under LFO/KOT	22-12-2021	DME_I
27	مسٽر مڪيشن ولد پريم	C.C. Sweeper under HTXR/KYC/CHG	04-08-2022	AME_II
28	مسٽر صابر رحمان ولد فقير الرحمان	SE_I Gr_II under HTXR/ KC	Overstayed 04-06-2022	DS
29	مسٽر رياض علي ولد الهه ڏنو	Assistant Driver under LFO.KOT	19-04-2022	DS
30	مسٽر روشن علي ولد خادم حسين نيهسر	ACM/S.E/Water Supply/ KOT under AEN/Bridge/ KC	17-07-2022	DS
31	ذيشان علي ولد مظفر علي	TXR Gr_I under XTXR/ MYP	08-06-2022	DS
32	مسٽر نياز علي ولد احمد خان	ASM Gr_I under SM/LSS	15-06-2022	DS

۽ جيئن ته، مجاز اختياري اهو فيصلو ڪيو آهي ته توهان جي خلاف لاڳو ٿيندڙ اي اينڊ ڊي رولز هيٺ توهان جي خلاف ڪنهن به جاچ جي ضرورت نه آهي.

هاڻي جيئن ته، توهان کي گهرجي ته هن پبلڪ "شوڪاز نوٽيس" جي اشاعت جي 14 ڏينهن جي اندر لکت ۾ جمع ڪرائين ته ڇو نه توهان تي لاڳو اي اينڊ ڊي رولز ۾ ڄاڻايل مطابق "سروس مان برخاستگي" جي ميجر سزا ڇو نه ڏني وڃي. جيڪڏهن ڪو به جواب موصول نه ٿيو مٿي ڄاڻايل وقت جي اندر موٽ نه ملي ته اهو سمجهيو ويندو ته توهان کي پنهنجي دفاع ۾ چوڻ لاءِ ڪجهه ناهي يا توهان ان کي نظرانداز ڪيو آهي. ان صورت ۾ وڌيڪ حوالي ڪانسواءِ "هڪ طرفو" فيصلو ڪيو ويندو

(حميدالله لاشاري)
فار ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ
پاڪستان ريلويز ڪراچي

PID K No.1814/22

حڪومت سنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف اسڪول ايجوڪيشن
(ايليمينٽري سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري)
سکر ريجن سکر

Ph. No. 071-9310954 Email: dsesecondarysukkur@yahoo.com
No. DSE(ES&HS)/DEV/1216/2022 Sukkur, Dated:26-12-2022

درستگي

فرنيچر/سامان جي خريداري جي سلسلي ۾ مختلف اخبارن ۾ ريفرنس نمبر INF/KRY_4654/22 ۽ ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ/پي پي ايم ايس تي آءِ ڊي نمبر 101967_22_0001 هيٺ شايع ٿيل هن ڊائريڪٽوريٽ جي اين آءِ ٽي جي سلسلي ۾ خواهشمند آڇ ڏيندڙ جي ڄاڻ جي لاءِ آڇ دستاويزن ۾ ضروري ترميمن/وضاحتن سان ترميم ڪئي وئي آهي

آڇ دستاويزن جي جاري ڪرڻ جي تاريخ ۽ وقت	16-01-2023 تي منجهند جو 02:00 وڳي تائين
آڇون جمع ڪرڻ جي تاريخ ۽ وقت	17_01_2023 تي منجهند جو 02:30 وڳي
ٽيڪنيڪل آڇون کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	17_01_2023 تي منجهند جو 03:00 وڳي

ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن
(ايليمينٽري، سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري)
سکر ريجن سکر

INF/KRY No: 4846/22

SAY NO TO CORRUPTION WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ